SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 2017

# SINDH ACT NO.XV OF 2017

# سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق ايڪٽ، 2016

# THE SINDH TRANSPARENCY AND RIGHT TO INFORMATION ACT, 2016

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون
Definitions

3.عملن جي شفافيت
Transparency of Actions

4.معلومات تائين پهچ
Access to Information

5.رڪارڊز جي جوڳي سار سنڀال
Proper Maintenance of Records

6.فعال انڪشاف

Proactive Disclosure
7.نامزد اهلڪار جي مقرري
Appointment of designated official
8.درخواست جو طريقيڪار
Application procedure
9.اندروني جائزو
Internal review
10.ڇوٽ
Exceptions
11.شڪايتون
Complaints
12.سنڌ انفارميشن ڪميشن
Sindh information commission
13.ڪميشن جا ڪم
Functions of the commission
14.فنڊس جاري ٿيڻ
Allocation of funds
15.نامزد ڪيل اهلڪار تي ڏنڊ
Penalty on designated official
16.ڏوهه
Offence
17.مقدمن وغيره تي پابندي
Bar of Suits, etc
18.قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

19.رڪاوٽون هٽائڻ جو اختيار
Power to remove difficulties
20.تشريح
Interpretation
21.استثنيٰ
Indemnity
22.ايڪٽ کي ٻين قانونن تي فوقيت حاصل هوندي
Act to take precedence over other laws
23.منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 2017

# SINDH ACT NO.XV OF 2017

# سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق ايڪٽ، 2016

# THE SINDH TRANSPARENCY AND RIGHT TO INFORMATION ACT, 2016

[12 اپريل 2017]

ايڪٽ جنهن ذريعي پبلڪ اٿارٽيز جي ضابطي هيٺ معلومات تائين هر شهري لاءِ تڪڙي ۽ سستي پهچ حاصل ڪرڻ لاءِ عملي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ هر پبلڪ اٿارٽي جي ڪم ۾ شفافيت ڪي هٿي وٺرائي ويندي، سنڌ انفارميشن ڪميشن جوڙي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن ڪي هٿي وٺرائي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 19A فراهم ڪري ٿو ته هر شهري ڪي عوامي اهميت جي سمورن معاملن ۾ ضابطن ۽ قانون تحت مڙهيل جوڳين پابندين موجب معلومات تائين پهچ جو حق حاصل هوندو؛

۽ جيئن ته شفافيت ۽ معلومات تائين پهچ جمهوريت جا ضروري اصول آهن، جيڪي نه رڳو حڪومت قائم رکڻ ۽ ان جي ادارن ڪي احتساب لائق بڻائين ٿا پر حڪومتي نظام ڪي

سڌارڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿا؛

۽ جيئن تہ اهو ضروري آهي تہ سمورن شهرين ڪي جمهوري عمل ۾ عملي طور حصو وٺڻ ۽ عوامي معاملن ۾ انهن جي شموليت ۽ حصو وٺڻ ۾ وڌيڪ بهتري لاءِ معلومات جو حق هئڻ گهرجي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ شفافيت ۽ معلومات جي آزادي فراهم ڪرڻ لاءِ اهو يقيني بڻايو وڃي تہ سمورن شهرين کي عوامي معلومات تائين بهتر پهچ فراهم ڪئي وڃي تہ جيئن حڪومت کي شهرين آڏو وڌيڪ جوابده بڻائي سگهجي، عوامي اهميت جي سمورن معاملن ۾ معلومات جي بنيادي حق کي لاڳو ڪرڻ، سمورن حڪومتي معاملن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ شفافيت ۽ معلومات جو حق ايڪٽ، 2016 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

| Definitions | (a) "درخواست گذار" مطلب پاڪستان جو شهري يا پاڪستان ۾ قانوني طور رجسٽرڊ يا شامل شخص، جيڪو هن ايڪٽ تحت معلومات چاهيندو هجي؛ |
|---|---|
| | (b) "ڪميشن" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ انفارميشن ڪميشن؛ |
| | (c) "ڪمشنر" مطلب انفارميشن ڪمشنر ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيف انفارميشن ڪمشنر؛ |
| | (d) "دستاويز" مطلب ڪو حڪم يا ڪيل ۽ نوٽيس ڪييل فيصلو؛ |
| | (e) "شڪايت" مطلب درخواست گذار طرفان هيٺين مان هڪ يا وڌيڪ سببن تحت لکت ۾ ڪميشن کي ڪيل شڪايت: |
| | (i). معلومات تائين پهچ کان غلط انڪار؛ |
| | (ii). مقرر ڪيل وقت اندر معلومات فراهم نه ڪرڻ؛ |
| | (iii). درخواست گذار کان درخواست حاصل ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ کان انڪار؛ |
| | (iv). ڪوڙي، گمراهه ڪندڙ يا اڌوري معلومات ڏيڻ؛ |
| | (v). معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ جاٽايل في کان وڌيڪ في يا قيمت وصول ڪرڻ؛ |
| | (vi). ان جي انڪشاف کان بچڻ لاءِ معلومات کي جاٽي واٽي ختم ڪرڻ؛ |
| | (vii). فعال انڪشاف بابت گنجائشن تي عمل ڪرڻ ۾ عوامي اداري جي ناڪامي؛ يا |

(viii). عوامي اداري طرفان ايڪٽ جي ڪن ٻين گنجائشن جي پيچڪڙي؛

(f) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(g)”معلومات“ مطلب عوامي اداري وٽ رکيل ڪا معلومات ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو ميمو ڪتاب، نمونو نقشو ٺيڪو نمائندگي، پمفليٽ، بروشر، حڪم، نوٽيفڪيشن، دستاويز منصوبا، خط، رپورٽ، اڪائونٽس اسٽيٽمينٽ، پروجيڪٽ پروپوزل، فوٽوگراف، آڊيو وڊيو ڊرائنگ، فلم، اليڪٽرانڪ عمل ذريعي تيار ڪيل ڪو اوزار، مشين ريڊ ايبل دستاويز ۽ ان جي طبي شڪل يا خصوصيت ڪانسواءِ ڪو ٻيو دستاويزي مواد؛

(h)”بيان ڪيل“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن ۽ ضابطن تحت بيان ڪيل؛

(i) ”عوامي ادارو“ مطلب:

(i). هڪ کاتو، منسلڪ کاتو، حڪومت جو خودمختيار يا ذيلي خودمختيار ادارو، حڪومت جي ڪمپني يا حڪومت طرفان جوڙيل خاص ادارو؛

(ii). سنڌ مڪاني حڪومت ايڪٽ، 2013 يا وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تحت جوڙيل مڪاني حڪومت؛

(iii). سنڌ جي گورنر جي سيڪريٽريٽ؛

(iv). ڪا عدالت، ٽربيونل، آفيس، بورڊ، ڪميشن، ڪائونسل، يا سنڌ صوبي ۾ ڪم ڪندڙ ٻيو

ڪو ادارو؛

(v). سنڌ جي صوبائي اسيمبلي؛

(vi). صوبائي قانون تحت قائم ڪيل قانون ساز ادارو؛ ۽

(vii). حڪومت يا مڪاني حڪومت طرفان ڪافي حد تائين مالي مدد ڪيل غير سرڪاري تنظيم؛

(viii). سنڌ جي وڏي وزير جي سيڪريٽريٽ؛

(j) ”نامزد ڪيل اهلڪار“ مطلب هن ايڪٽ جي دفعہ 7 تحت نامزد ڪيل پبلڪ انفارميشن آفيسر؛ ۽

(k)”معلومات جو حق“ مطلب ايڪٽ تحت پهچ لائق معلومات حاصل ڪرڻ جو حق ۽ ان ۾ شامل آهي حق:

(i) ڪنهن ڪم يا دستاويز جي جاچ ڪرڻ؛

(ii) دستاويز جي تصديق ٿيل نقل وٺڻ؛ ۽

(iii) معلومات جي اليڪٽرانڪ شڪل ۾ نقل وٺڻ.

**عملن جي شفافيت**
**Transparency of Actions**

3. هر عوامي ادارو پنهنجي ڪمن جي ادائگي ۾ شفافيت کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪندو.

**معلومات تائين پهچ**
**Access to**

4. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ان تحت جوڙيل ڪن قاعدن موجب درخواست گذار بيان ڪيل طريقي موجب ڪنهن عوامي اداري وٽ موجود ڪنهن معلومات ۽/يا رڪارڊ

| | |
|---|---|
| حاصل ڪرڻ جو حق استعمال ڪندو. | Information |
| 5. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل ڪن قاعدن موجب، هر عوامي ادارو اهو يقيني بڻائيندو تہ سمورا رڪارڊز جيڪي انهن وٽ آهن، اهي جوڳي نموني سنڀاليل آهن، تہ جيئن هن ايڪٽ ۽ ڪن لاڳاپيل قاعدن موجب يا سنڌ انفارميشن ڪميشن طرفان قائم ڪيل معيارن جي ذميدارين کي فعال بڻائي سگهجي. | رڪارڊز جي جوڳي سار سنڀال<br>Proper Maintenance of Records |
| 6. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هڪ عوامي ادارو فعال نموني پڌرو ڪندو ۽ شايع ڪندو:<br>a) ان جي تنظيم، ڪمن ۽ ذميدارين جا تفصيل؛<br>b) ان جي عملدارن ۽ ملازمن جا اختيار ۽ ڪم؛<br>c) ان جي روز مرهہ ڪمن جي پورائي لاءِ جوڙيل معيار ۽ گهرجون؛<br>d) ان طرفان لاڳو ڪيل، جاري ڪيل يا استعمال ٿيندڙ يا ان جي ملازمن طرفان انهن جي ڪمن جي ڪارڪردگي لاءِ استعمال ٿيندڙ قاعدا، ضابطا، | فعال انڪشاف<br>Proactive Disclosure |

نوٽيفڪيشنز، سرڪيولرز، هدايتون ۽ ٻيا قانوني دستاويز؛

e) ان جي ضابطي هيٺ معلومات جي ڪيٽيگريز جو اسٽيٽمينٽ؛

f) ان جي فيصلا ڪرڻ جي عملن جو تفصيل؛

g) ان جي سمورن انتظامي ۽ ترقياتي فيصلن جا تفصيل؛

h) ان جي عملدارن ۽ ملازمن جي انهنجي اهليت ۽ ترتيبوار معاوضي، فائدي ونڊ ۽ مراعتن جي ڊائريڪٽري؛

i) سمورن تجويز ڪيل ۽ حقيقي خرچن جي تفصيلن سميت بجيٽ؛

j) سبسڊي پروگرامن جي مڪمل ڪرڻ جو طريقو؛

k) ان طرفان منظور ڪيل رعايتون، اجازت ناما يا اٿارائيزيشنز وصول ڪندڙن جا مڪمل تفصيل؛

l) ان طرفان رکيل معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ عوامي اداري وٽ موجود سهولتون؛

m) ان جي پبلڪ انفارميشن آفيسر جا مڪمل تفصيل؛

n) ٻي ڪا معلومات جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

o) حاصل ڪيل درخواستن ۽ ان سلسلي ۾ کنيل قدمن جي سلسلي ۾ رڪارڊ جي سار سنڀال؛

(2) ذيلي دفعہ (1) جي مقصد لاءِ هر عوامي ادارو سموري معلومات جيترو ٿي سگهي ڦهلائيندو بشمول انٽرنيٽ جي جتي ممڪن هجي تہ جيئن سمورن شهرين کي ان تائين

سولائي سان پهچ حاصل ٿي سگهي.

(3)هر عوامي ادارو معلومات جي فعال انڪشاف کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو جيئن دفعہ 6 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

| | |
|---|---|
| 7.(1) هر عوامي ادارو هن ايڪٽ جي شروعات کان 45 ڏينهن جي عرصي اندر ڪو عملدار يا عملدارن جو خاص انگ نامزد ڪيل عملدارن طور ڪم ڪرڻ يا خدمت ڪرڻ لاءِ نامزد يا نوٽيفاءِ ڪندو جيڪو بي پي ايس-16 جي گريڊ کان گهٽ نہ هوندو جنهن سان هن ايڪٽ تحت معلومات لاءِ درخواست داخل ڪئي ويندي.<br>(2)اهڙو عملدار مقرر نہ هئڻ جي صورت ۾ عوامي اداري جو انچارج شخص نامزد ڪيل اهلڪار سمجهيو ويندو.<br>(3)نامزد ڪيل اهلڪار هن ايڪٽ جي گنجائشن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ ذميدار هوندو. | نامزد اهلڪار جي مقرري<br>Appointment of designated official |
| 8. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪو درخواست گذار عوامي اداري جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو. ڄاڻايل درخواست ڪنهن بہ نموني يا طريقي نامزد ڪيل اهلڪار کي ڏني ۽ مڪمل ڄاڻ ۾ آندي ويندي.<br>(2) درخواست گذار کان معلومات جا جوڳا تفصيل ۽ گهربل معلومات فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري تفصيل طلب ڪيا ويندا.<br>(3) نامزد ڪيل اهلڪار درخواست تي جيترو جلد ٿي | درخواست جو طريقيڪار<br>Application procedure |

سگهي جواب ڏيندو ۽ ڪنهن معاملي ۾ پندرنهن (15) ڪم وارن ڏينهن اندر. گهربل معلومات آساني سان موجود نہ آهي تہ نامزد ڪيل اهلڪار درخواست گذار کي اگاهہ ڪندو ۽ درخواست تي جواب ڏيڻ لاءِ وڌيڪ ڏهہ (10) ڏينهن وٺندو.

(4) ڪنهن فرد جي زندگي يا آزادي جي تحفظ لاءِ گهربل معلومات ٻن ورڪنگ ڏيز اندر فراهم ڪئي ويندي.

(5)جتي نامزد ڪيل اهلڪار طئي ڪري ٿو تہ معلومات فراهم ناهي ڪرڻي، تہ اهو اهڙي فيصلي جي سببن بابت درخواست گذار کي آگاهہ ڪندو، ان بيان سان گڏ تہ درخواست گذار اندروني جائزي لاءِ درخواست ڪري سگهي ٿو.

(6) درخواست گذار کي فراهم ڪيل معلومات يا ڪنهن عوامي رڪارڊ جي نقل سان گڏ هڪ سرٽيفڪيٽ شامل هوندو تہ اها معلومات درست آهي يا اها نقل اهڙي عوامي رڪارڊ جي سچي نقل آهي ۽ اهڙي سرٽيفڪيٽ تي نامزد اهلڪار طرفان تاريخ، صحيح ۽ ٺپو لڳايل هوندو.

(7)عوامي ادارو يا نامزد اهلڪار درخواست ڪرڻ لاءِ ڪا في نہ وٺندو سواءِ معلومات جي ٻيهر پيدا ڪرڻ يا اماڻڻ جي، جيڪا سنڌ انفارميشن ڪميشن طرفان مرڪزي طور طئي ڪيل قيمتن جي شيڊول ۾ ڄاڻائي وئي هجي.

اندروني جائزو

Internal review

9.(1) جتي نامزد اهلڪار معلومات فراهم نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري، درخواست گذار عوامي اداري جي سربراهہ کي ڄاڻايل فيصلي جي اندروني جائزي بابت درخواست ڪندو.

ان سلسلي ۾ تہ درخواست ۾ شامل هوندو تہ:

a) نامزد اهلڪار طرفان هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪامي بشمول ڄاڻايل وقت اندر فيصلي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۾ ناڪامي جي؛ يا

b) ايڪٽ تحت ڪنهن هدايت تي عمل ڪرڻ ۾ نامزد اهلڪار طرفان غير موزون رويو؛ يا

c) ايڪٽ تحت اڻپوري، گمراهہ ڪندڙ يا ڪوڙي معلومات جي فراهمي؛ ۽

d) معلومات تائين پهچ جي درخواست يا معلومات حاصل ڪرڻ سان لاڳاپيل ٻيو ڪو معاملو.

(2) درخواست گذار نامزد اهلڪار جي فيصلي جي جاري ٿيڻ ي تاريخ کان سٺ (60) ڏينهن اندر يا سندس معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ناڪامي کان ڄاڻايل وقت اندر ذيلي دفعہ (1) تحت لکت ۾ درخواست جمع ڪرائيندو ۽ درخواست گذار نامزد اهلڪار خلاف جنهن قدم جي درخواست ڪري ٿو ان جي وضاحت ڪندو.

(3) عملدار جنهن جي سامهون هن دفعہ تحت اندروني جائزي لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي آهي هن ايڪٽ تحت نامزد اهلڪار جا ڪي بہ اختيار استعمال ڪندي ۽ درخواست ملڻ جي ٽيهن (30) ڏينهن اندر:

a) نامزد اهلڪار جي فيصلي جي تصديق ڪندو.

تبديل ڪندو يا واپس ڪندو.

b) اندروني جائزي جو فيصلو درخواست گذار کي ٻڌائيندو بشمول فيصلي جي سببن جي؛ ۽

c) نامزد اهلڪار خلاف ڪاتيوار قدم جو حڪم ڪندو جيڪڏهن اهو هن ايڪٽ تحت ذميدارين جي ادائگي ۾ نااهل نڪتو.

چوٽ

Exceptions

10.(1) نامزد اهلڪار يا عوامي ادارو معلومات تائين پهچ لاءِ درخواست رد ڪري سگهي ٿو جتي معلومات جو انڪشاف، انهن جي خيال ۾، هوندو يا آهي:

a) جيڪڏهن اهو خودمختياري ۽ قومي سلامتي کي نقصان پهچائي ٿو جنهن ۾ شامل آهن، قومي دفاع، سڪيورٽي، پبلڪ آرڊر ۽ ملڪ جا عالمي لاڳاپا؛

b) نجي سيڪٽر جي مفادن کي متاثر ڪري ٿو جيڪي عوامي سيڪٽر سان لاڳاپيل نه هجي، جيستائين لاڳاپيل شخص معلومات جي پڌرائي لاءِ راضپو نه ڏيکاريو هجي؛

c) قانوني طور استثنيٰ ڏنل معلومات جي تحفظ کي متاثر ڪري ٿو يا اعتماد جي ڀڃڪڙي بابت قاعدن جي تحفظ کي متاثر ڪري ٿو.

d) جائز انٽيليڪچوئل ملڪيت جي حقن کي متاثر ڪري ٿو.

e) ڪنهن شخص جي زندگي، صحت يا تحفظ يا ملڪيت کي نقصان پهچائي ٿو،

f) راز ۾ رکيل وسيلي جي سڃاڻپ ظاهر ڪري ٿو يا ڪيس جي جاچ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو،

g) ڏوهہ کي روڪڻ يا پتو لڳائڻ کي متاثر ڪري، ڏوهارين جي پڪڙ ۽ گرفتاري کي متاثر ڪري، يا انصاف قائم ڪرڻ کي متاثر ڪري؛

h) شهري جي بنيادي حقن کي متاثر ڪري؛

i) ڪنهن تجويز ڪيل ٽيڪس لڳائڻ، ختم ڪرڻ يا تبديل ڪرڻ جي اڳڀوري انڪشاف جي نتيجي ۾ معيشت کي نقصان پهچائي ۽ ملڪ جي معيشت کي متاثر ڪري؛ يا

j) حڪمت عملي جي جوڙڻ يا ڪاميابي کي ان جي اڳڀوري انڪشاف سان متاثر ڪري يا حڪومت جي اندر مشوري جي آزاداڻي ۽ بنا رڪاوٽ فراهمي تي پابندي لڳائي متاثر ڪري.

k) اميدوار جي ٽيسٽ، مقابلي، امتحان، انٽرويو وغيره ۾ شفاف چونڊ کي متاثر ڪري.

(2) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) جي متضاد نہ هجي، جيڪڏهن ڪميشن طئي ڪري ٿي تہ اهڙي انڪشاف سان عوام اهڙي نقصان کان ٻاهر نڪري سگهي ٿو، جيڪو اهڙي انڪشاف سان ٿي سگهي ٿو يا ٿيڻ جو امڪان آهي، تہ اها

نامزد اهلڪار کي معلومات فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي.

(3)جتي هڪ دستاويز جو ڪو حصو ذيلي دفعہ (1) تحت ڇوٽ مليل آهي، دستاويز ۾ ڪا بہ معلومات جنهن کي ڇوٽ مليل نہ آهي اها پڌري ڪئي ويندي جيڪڏهن اها باقي دستاويز کان جوڳي حد تائين اڻوٽندڙ آهي.

(4)بشرطيڪ هن قانون تحت روڪيل معلومات ڏهہ سالن جي عرصي بعد پڌري ڪئي ويندي.

**شڪايتون**
**Complaints**

11.(1) جيڪو بہ سمجهي ٿو تہ سندس درخواست تي هن ايڪٽ جي گنجائشن تحت عمل ناهي ڪيو ويو ان کي حق حاصل آهي تہ اهو ان عمل خلاف ڪميشن وٽ شڪايت داخل ڪري.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت شڪايت چارج کان آزاد هوندي.

(3)ڪميشن ڪنهن بہ شڪايت تي پنجيتاليهہ (45) ڏينهن جي عرصي اندر فيصلو ڪندي.

(4) اپيل ۾ درخواست گذار کي ثبوت پيش ڪرڻو پوندو تہ نامزد اهلڪار يا عوامي اداري هن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي.

**سنڌ انفارميشن ڪميشن**
**Sindh**

12.(1)حڪومت هن ايڪٽ جي شروعات کان هڪ سئو (100) ڏينهن جي عرصي اندر، هڪ انفارميشن ڪميشن قائم ڪندي، جنهن کي سنڌ انفارميشن ڪميشن سڏيو

information commission

ويندو.

(2)انفارميشن ڪميشن هڪ آزاد قانون ساز ادارو هوندي، جيڪا ڪنهن ٻئي شخص يا شخصيت، بشمول حڪومت ۽ ان جي ڪنهن ايجنسيز کان عملي ۽ انتظامي طور تي خودمختياري حاصل هوندي، سواءِ قانون ذريعي خاص طور فراهم ڪيل جي.

(3)انفارميشن ڪميشن جي مک سيٽ صوبائي گادي واري هنڌ تي واقع هوندي، ۽ انفارميشن ڪميشن جون آفيسون هر ضلعي هيڊ ڪوارٽرز ۾ هونديون.

(4)انفارميشن ڪميشن ٽن ميمبرز تي مشتمل هوندي، جيڪي حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ جيستائين ايئن بيان ڪيو وڃي، ايئن جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(5)انفارميشن ڪميشن جي سربراهي چيف انفارميشن ڪمشنر طرفان ڪئي ويندي، جيڪو رٽائرڊ سينئر سرڪاري ملازم جيڪو بي پي ايس-20 جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو ۽ حڪومت طرفان مقرر ڪيو ويندو.

(6)انفارميشن ڪميشن، چيف انفارميشن ڪمشنر کانسواءِ ٻن ٻين ميمبرز تي مشتمل هوندي جيڪي ڪمشنرز طور ڄاتا ويندا، جيڪي هيٺين طريقي مقرر ڪيا ويندا:

a) هاءِ ڪورٽ يا سپريم ڪورٽ جو هڪ ايڊووڪيٽ، جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج ٿيڻ لاءِ اهل هجي؛ ۽

b) سول سوسائٽي مان هڪ شخص جنهن کي پنهنجي شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن (15) سالن جو تجربو هجي.

(7) چيف انفارميشن ڪمشنر ۽ ڪمشنرز عهدو سنڀالڻ واري تاريخ کان ٽن (03) سالن تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر مقرري لاءِ اهل نہ هوندا.

(8)جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (5) جي متضاد نہ هجي، چيف انفارميشن ڪمشنر ۽ ڪمشنرز پنجهٺ (65) سالن جي عمر تائين پهچڻ کانپوءِ عهدو نہ رکي سگهندا.

(9)ڪمشنر ٻيو ڪو عوامي عهدو نہ رکي سگهندو، يا ڪنهن سياسي پارٽي سان لاڳاپو نہ رکي سگهندو يا ڪو واپار نہ ڪري سگهندو يا انفارميشن ڪميشن ۾ مقرري جي وقت دوران ڪنهن ٻئي شعبي ۾ رهي نہ سگهندو.

(10) ڪمشنر انفارميشن ڪميشن جي ٽن لڳاتار گڏجاڻين ۾ بنا سبب غير حاضري، ڪمشنر طور ذميداريون سرانجام ڏيڻ ۾ ناڪامي، ڪمشنر طور شرطن تي پورو لهڻ ۾ ناڪامي يا اهڙي عمل جيڪو ڪمشنر جي حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ هجي، جي بنياد تي هاڪاري ووٽ ذريعي هٽايو ويندو، جيڪو ٻن ٽين ڪمشنرز کان گهٽ نہ هوندو.

(11)جيستائين ڪجهہ ڪنهن ٻي دفعہ جي متضاد نہ هجي، حڪومت بدعنواني ۽ طبي يا ذهني معذوري جي بنياد تي ڪنهن ڪمشنر کي هٽائڻ جو عمل شروع ڪري سگهي ٿي. بشرطيڪ اهڙو ڪو فيصلو ڪرڻ کان اڳ، حڪومت ڪمشنر سان الزامن بابت ڳالهائيندي ۽ ان جي پوزيشن واضح ڪرڻ جو جوڳو موقعو فراهم ڪندي.

(12)جيڪڏهن حڪومت ڪمشنر طرفان پيش ڪيل دفاع سان مطمئن نہ آهي تہ، اها معاملو صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان جوڙيل اسپيشل ڪميٽي طرفان انڪوائري لاءِ صوبائي اسيمبلي ڏانهن اماڻي سگهي ٿي.

(13) جيڪڏهن ڪميٽي ذيلي دفعہ (10) ۾ جاچايل ڪن بہ الزامن تحت ڪمشنر کي ڏوهي مڃي ٿي، تہ حڪومت ڪمشنر کي هٽائي ڇڏيندي.

**ڪميشن جا ڪم**

**Functions of the commission**

13.(1) ڪميشن:

(a) شڪايت تي انڪوائري ڪرائي سگهي ٿي ۽ عوامي اداري کي درخواست گذار کي معلومات فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي؛

(b)هن ايڪٽ جي دفعہ (2)10 جي شرطن موجب عوامي مفاد طئي ڪري سگهي ٿي؛

(c)هن ايڪٽ جي گنجائشن يا قاعدن ۽ ضابطن جي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪي رڪاوٽون هٽائي سگهي ٿي.

(2) ڪميشن شڪايت ملڻ جي پنجيتاليهہ (45) ڏينهن

اندر فيصلو ڪندي ۽ جوڳا حڪم جاري ڪندي بشمول قصور وار عملدارن خلاف انتظامي ڪارروائين جي سفارش ڪرڻ جي؛

(3) ڪميشن سول ڪورٽ جا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿي:

a) سمن جاري ڪري سگهي ٿي ۽ ماڻهن کي حاضري لاءِ زور ڀري سگهي ٿي، حلف تي زباني يا لکت گواهي ڏيڻ ۽ دستاويز يا معلومات پيش ڪرڻ لاءِ زور ڀري سگهي ٿي؛

b) معلومات جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ جاچ ڪري سگهي ٿي؛

c) حلف نامن تي گواهي وٺي سگهي ٿي؛

d) ڪنهن آفيس کان لاڳاپيل معلومات طلب ڪري سگهي ٿي؛ ۽

e) گواهن يا دستاويزن لاءِ سمن جاري ڪري سگهي ٿي.

(4) شڪايت تي پڇا ڳاڇا ڪرڻ دوران، ڪميشن يا ڪميشن طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص، موقعي تي معلومات جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهي ٿو.

(5)ڪميشن هن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد ۾ مدد ڪندي ۽:

a) عوامي ادارن کي معلومات جي تحفظ، سار سنڀال،

شايع ڪرڻ، مشهوري ۽ پهچ لاءِ هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي؛

b) عوامي اداري طرفان معلومات تائين پهچ لاءِ طريقيڪار بيان ڪري سگهي ٿي؛

c) حڪومت کي ضروري قانون جوڙڻ ۽ معلومات جي حق تي عملدرآمد لاءِ طريقيڪار جوڙڻ لاءِ مشورو ۽ مدد فراهم ڪري سگهي ٿي؛

d) معلومات جي حق جي موثر نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ عوامي ادارن کي فني ۽ ٻي مدد فراهم ڪري سگهي ٿي؛

e) نامزد اهلڪارن جي تربيت ڪرائي سگهي ٿي؛

f) ايڪٽ، قاعدن ۽ ضابطن بابت سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي سجاڳي مهم هلائي سگهي ٿي؛

g) معلوماتي ويب پورٽل قائم ڪري سگهي ٿي؛

h) اردو، سنڌي ۽ انگريزي ۾ يوزر هينڊ بڪ جوڙي سگهي ٿي، جيڪو اهڙي معلومات تي اهڙي جمع قسم ۽ طريقي تي مشتمل هوندو، جيئن هڪ درخواست گذار کي گهربل هجي؛ ۽

i) نامزد اهلڪارن جي استعمال لاءِ رهنمايون جوڙي سگهي ٿي.

(6) ڪميشن مالي سال دوران هن ايڪٽ جي گنجائشن

تي عملدرآمد بابت هڪ سالياني رپورٽ تيار ڪندي ۽ ان کي حڪومت وٽ جمع ڪرائيندي.

(7)ڪميشن جي ساليانو رپورٽ خاص طور تي هيٺين معلومات تي مشتمل هوندي:

(a) معلومات جي حق بابت قانون، قاعدن، ضابطن ۽ طريقيڪار جو اسٽيٽس؛

(b)معلومات جي آزادي قانون تي عملدرآمد تي پروگريس، بشمول ضلعي ۽ کاتيوار معلومات درخواستن جون سمريز. جيڪي هر معلومات درخواست جو موجوده اسٽيٽس ظاهر ڪنديون هجن؛

(c)معلومات جي آزادي قانون جي عملدرآمد ۾ پيش ايندڙ ڏکيائيون؛ ۽

(d)بجيٽ، خرچ ۽ ٻيا تنظيمي معاملا.

فنڊس جاري ٿيڻ

Allocation of funds

14. حڪومت ڪميشن کي جوڳا فنڊ جاري ڪندي ته جيئن سيڪريٽريٽ قائم ڪري، پنهنجو ڪاروهنوار جوڳي نموني هلائڻ لاءِ گهربل عملو رکي ۽ عوام، سرڪاري ملازمن ۽ سول سوسائٽي ۾ معلومات تائين پهچ کي هٿي وٺرائي سگهي.

نامزد ڪيل اهلڪار

15.جتي نامزد اهلڪار بنا ڪنهن جوڳي سبب جي،

| | |
|---|---|
| درخواست وصول ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي، وقتي حدن اندر معلومات فراهم ناهي ڪئي، يا بدنيتي جي ارادي سان درخواست رد ڪئي آهي يا ڄاڻي واڻي غلط، اڻپوري يا گمراهه ڪندڙ معلومات ڏني آهي، ڪميشن نامزد اهلڪار کي دفاع جو جوڳو موقعو فراهم ڪرڻ بعد، ڄاڻايل عملدار کي ڏنڊ پرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، جيڪو سندس بنيادي پگهار جي ڏهه سيڪڙو (10%) تائين وڌي سگهي ٿو.<br><br>(1) جيڪو بہ هن قانون حاصل ڪيل معلومات جو بدنيتي جي ارادي سان فائدو وٺڻ لاءِ غلط استعمال ڪري ٿو، انفارميشن ڪميشن -/1,00,000 رپيا ڏنڊ جي سزا يا ٽي مهينا قيد جي سزا يا ٻئي گڏ ڏئي سگهي ٿي؛<br><br>(2)جيڪو بہ هن قانون حاصل ڪيل معلومات جو بدنيتي جي ارادي سان فائدو وٺڻ لاءِ غلط استعمال ڪري ٿو انفارميشن ڪميشن ان شخص کي دفاع جو جوڳو موقعو ڏيڻ بعد ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي، جيڪو -/1,00,000 تائين وڌي سگهي ٿو. | ٽي ڏنڊ<br>Penalty on designated official |
| 16. ڪنهن ٻئي قانون تحت ڪنهن ٻئي قدم سان گڏوگڏ، ڪو شخص جيڪو ڪو رڪارڊ ضايع ڪري ٿو جيڪو ضايع ڪرڻ وقت معلومات تائين پهچ لاءِ درخواست، اندروني جائزي يا شڪايت جو مضمون هيو يا ٻي صورت ۾ معلومات تائين پهچ ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو جيڪا ڪنهن درخواست، اندروني جائزي يا شڪايت جو مضمون هئي، هن ايڪٽ تحت ان جي انڪشاف کان روڪڻ جي ارادي سان، | ڏوهہ<br>Offence |

يا هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، اهو سزا لائق ڏوهہ جو مرتڪب هوندو، جيڪا قيد جي سزا ٻہ سال ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو ڏهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو يا ان جي بنيادي پگهار جو (10٪) سيڪڙو يا ٻئي گڏ.

**مقدمن وغيره تي پابندي**

**Bar of Suits, etc**

17. ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن فيصلي جي سلسلي ۾ ڪنهن مقدمي، درخواست تي عمل يا ٻي ڪارروائي نہ ڪري سگهندي ۽ فيصلي تي اندروني جائزي يا ايڪٽ تحت شڪايت ڪانسواءِ سوال نہ اٿاري سگهبو.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**

**Power to make rules**

18. حڪومت ڪميشن سان مشاورت بعد سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، ڪميشن جي قيام جي سٺ (60) ڏينهن اندر هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**رڪاوٽون هٽائڻ جو اختيار**

**Power to remove difficulties**

19. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي تہ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ حڪم ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن، جيڪي رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ ضروري ۽ لازمي هجن.

| | |
|---|---|
| 20.هن ايڪٽ ۾ قاعدن ڪي هٿي وٺرائي ويندي تہ جيئن هن ايڪٽ جي مقصدن کي وڌائي ۾ فوري طور تي سهولت ڏئي ۾ همت افزائي ڪري سگهجي ۾ گهٽ کان گهٽ جوڳي قيمت تي معلومات جي انڪشاف ۾ معلومات جي حق تي عملدرآمد کي يقيني بڻائي سگهجي. | تشريح<br>Interpretation |
| 21.هن ايڪٽ يا هن ايڪٽ تحت جوڙيل ڪنهن قاعدي تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن عمل يا ڪجھ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي. | استثنيٰ<br>Indemnity |
| 22.ايڪٽ جي گنجائشن کي ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائشن مٿان فوقيت حاصل هوندي. | ايڪٽ کي ٻين قانونن تي فوقيت حاصل هوندي<br>Act to take precedence over other laws |
| 23.سنڌ معلومات جي آزادي ايڪٽ، 2006 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | منسوخي<br>Repeal |